# مرزا قليچ بيگ جي تحريرن ۾
# سماجي اخلاقيات جو موضوع، هڪ اڀياس
## Social Ethics in Writings of Mira Kalich Beg

1. نواب ڪاڪا
2. غلام علي پرڙو

***Abstract:***

*Ethics is the fundamental element of the society. It does not only civilize and develop the society but helps to maintain honor, peace and justice in the society. Ethics has been given upright status in the every society and language. If it's observed from all the writings of Mirza Kaleech Baig that are based on the upright status of the foundations of ethics but Mirza Sahib has written some books on this topic. In this research paper the benefits, importance and analysis has been given of those written books of ethics. It does not mean to apply the ethical values in the development of the society but to value the work of Shamas Ulema Mirza Kaleech Baig on the ethics and spread to every common man.*

مهذب سماج جي جوڙجڪ ۾ جيڪي بنيادي عنصر شامل آهن، انهن ۾ سماجي اخلاقيات اهم آهي. علم، ڄاڻ، فلسفو، مذهب سيني جو بنيادي جوهر ڪن اعليٰ قدرن جي ذريعي اهڙي سماجي اخلاقيات کي ترتيب ڏيڻ آهي، جنهن ذريعي هر انسان بلڪ هر ساهواري کي نہ صرف سندس بنيادي حق حاصل ٿين بلڪ عزت نفس کي بہ ڇيهو نہ پهچي. شمس العلماء مرزا قليچ بيگ عالمي سطح جو غير معمولي انسان هو. هن شعوري طور سنڌي سماج ۾ ادب لاءِ اهڙن موضوعن جي چونڊ ڪئي جيڪي ڪنهن بہ مهذب، ترقي يافتہ قوم/سماج لاءِ بيحد ضروري آهن. اخلاقيات (Ethics) جي وصف ۾ اهميت کي مشهور اسڪالر وليم لِلي هن طرح معيارن جي سائنس سڏيندي لکي ٿو:

We may define ethics as the normative science of the conduct of human beings living in societies a science which judges this conduct to be right or wrong to be good or bad, or in some similar way. This definition says first of all ethics is a science and a science may be defined as a systematic and more as less complete body of knowledge to about particular set of related events or objects, P-2. (1)

وليم للِي ان تي اڳتي اجا بہ واضح ڪندي لکي ٿو تہ:

Ethics has been defined as the normative science of conduct, and conduct is collective name for voluntary actions. P-2 (2)
Ethics, also called moral philosophy.

اهڙي اهم ۽ ڪارائتي موضوع لاءِ مرزا صاحب خاص طور هينيان سترهن ڪتاب لکيا آهن:

(1) علم الاخلاق 1888ع (2) ڪيميائي سعادت 1901ع (03) خوديا وري 1901ع (4) جواهر الاخلاق 1904 (5) گلشن اخلاق (6) حاجتمنديءَ مان طاقت مندي 1906ع (7) اخلاق القرآن والحديث 1912ع (8) فرائض انساني 1912ع (9) علم ادب 1913 (10) تهذيب الاخلاق (ٻہ ڀاڱا) 1913ع (11) ايمرسن جا علمي ۽ عقلي نڪتا 1914ع (12) سونهري خيال 1917ع (13) قديم چيني اخلاق 1918ع (14) فوائد اخلاق 1920ع (15) اخلاق معصومين 1920ع (16) استاد جي قدمن وٽ 1923ع (17) صلح ڪل يا مذهبن جي موافقت 1927ع.

ڄاڻايل ڪتابن کان علاوه بہ مرزا صاحب جي ڪيترين ئي نثر ۽ نظم جي لکڻين جو بنيادي موضوع سماجي اصلاح ۽ اخلاقي سڌارو آهي. ناول، ڊرامہ، ٻاراڻو ادب، طبعزاد ۽ ترجمو سمورين لکڻين جو بنيادي جوهر انسانيت جو سڌارو ۽ شعور آهي. سماجي قدر ۽ اخلاق جي هجڻ يا نہ هجڻ جا ڪهڙا نتيجا ٿا نڪرن، انهن کي پيش ڪيو ويو آهي.

هتي مٿي ڄاڻايل ڪتابن مان ٽن مجموعن تهذيب الاخلاق، فوائد الاخلاق ۽ قديمي چيني اخلاق ڪتابن جو اڀياس پيش ڪجي ٿو.

1. تهذيب الاخلاق ٻن ڀاڱن ۾ مرزا صاحب 1913ع ۾ لکيو. هن ڪتاب جا ٻہ ڇاپا سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي جي طرفان اچي چڪا آهن.

ڪتاب جي پهرين ڀاڱي ۾ ڇهہ باب شامل آهن. پهريون باب خدا شناسي بابت آهي. خدا شناسي کان پهرين مرزا صاحب ”اول الله“ نالي سان مختصر مضمون لکيو آهي، جنهن ۾ لکي ٿو تہ ”جتي ڪٿي سج چمڪي ٿو جتي ڪٿي هوا لڳي ٿي، جتي ڪو ڪن ٻڌڻ لاءِ آهي ۽ عقل سمجهڻ لاءِ آهي اتي انساني حياتيءَ جا ادب اخلاق معلوم هئڻ گهرجن حق جا قول ۽ سچ جا اشارا پوري طرح تعميل ٿيڻ گهرجن.ص 9 (3)

مضمون ڏٽي جي قدرت ۽ اخلاقيات جي ضرورت ڏاهپ ۽ حڪمت تي مختصر پر جامع انداز ۾ لکيو ويو آهي. پهرين باب ۾ صرف هڪ مضمون آهي. خدا شناسي، انساني عاجزي، مالڪ جي هيڪڙائي کي نهايت مختصر پر دليلن سان پيش ڪيو ويو

آهي. ٻئي باب جو عنوان آهي انسان جا اخلاقي فرض جنهن ۾ هيٺيان اهم موضوع شامل آهن:

1 ويچار 2 حياءُ 3 محنت 4 ريس 5 سياڻپ 6 هجت 7 قناعت 8 پرهيز گاري.

ويچار يا سوچ پهرين وک آهي جيڪا حيوان ۽ انسان جو فرق به ظاهر ڪري ٿي، هر عمل ۽ اظهار لاءِ ويچار لازمي آهي. مرزا صاحب لکي ٿو ته ”جيسين ڳالهه کي پنهنجي دل ۾ توري تڪي نه ڏسين نه ڳالهائي ۽ جيسين ڪم جي نتيجي ۽ اثر جي اڳواٽ ڇڪاس ڪري خبر نه وٺين تيسين ڪي به نه ڪر. ص 14 (4)

هر مضمون ۾ انساني ڪردار جي اصلاح تنبيهه فهم ۽ ادارڪ کي پيش ڪري ٿو لکي ٿو ”عاقل ۽ داناءُ ٿيڻ جو پهريون ڪم اهو آهي ته ماڻهو پاڻ ڄاڻي ته آءُ نادان ۽ بي عقل آهيان. جي پاڻئين ته ٻين جي نظرن ۾ تنهنجو قدر ٿئي ته پاڻ کي داناءُ سمجهڻ جي ناداني ڇڏي ڏي“. ص 15 (5)

هن باب ۾ شامل هر هڪ مضمون انسانيت جي بهتري اصول پسندي ٻين انسانن جي عزت ڪرڻ، مالڪ حقيقيءَ جي سڃاڻپ ان جي تعبيداري ڪرڻ، محنت ۽ جاکوڙ ڪرڻ هر طرح جي برائين کان پاڻ کي بچائڻ ۽ ٻين اهڙين نيڪي ۽ ڀلائيءَ جي ڳالهين سان ڀرپور آهن. سندس عبارت سادي ۽ وڻندڙ ۽ بهترين تمثيلين ۽ تشبيهن سان سينگاريل آهي. جيئن پرهيز گاري مان حاصل ٿيندڙ صحت کي هن طرح بيان ڪري ٿو. ”هوءَ ڊيل وانگر تلندي اچي خوبصورت ۽ چالاڪ ڏسڻ ۾ ٿي اچي، سا ڪير آهي هن جا ڳل گلاب جهڙا آهن ۽ هن جا چپ ڳاڙها ۽ فرحتي آهن. هن جي اکين ۾ سرهائي، لڄ ۽ پاڪدامني پيئي چمڪي ۽ جيئن هلندي وڃي ٿيئن دل جي خوشي مان منڙا گيت ڳائيندي وڃي، انهي جو نالو تندرستي اٿئي، اها پورهيي ۽ پرهيز گاري جي ڌيءَ آهي“. ص 22 (6)

اهڙي وڻندڙ تمثيلن سان سماجي اخلاقيات جي اعليٰ قدرن کي پيش ڪري ٿو. پورهيي ۽ پرهيزگاريءَ مان حاصل ٿيندڙ خوشي، اطمينان، سڪون ۽ راحت هڪ قسم جي تندرستي آهي، جنهن جا اثر شخصيت تي واضع نظر اچن ٿا.

**ٽئين باب ۾ هيٺيان مضمون شامل آهن:**

(1) اميد ۽ ڊپ (2) خوشي ۽ غم (3) ڪاوڙ (4) رحم (5) نفساني خواهش.

سمورا مضمون انساني حياتيءَ جا مختلف احساس ۽ جذبا آهن. انهن جذبن جون اندروني ڪيفيتون حالتون، انهن جي عمل ۾ اچڻ وقت انساني طبيعت تي ڪهڙو اثر ٿئي

ٿو مرزا صاحب ان کي هڪ نفسياتي ماهر جيان بيان ڪيو آهي. مثال ڪاوڙ مان ٿيندڙ نقصان کي بيان ڪندي لکي ٿو "جيئن واچوڙو چوهه ۾ وڻ ٽڻ پاڙئون پٽي ڇڏي ٿو ۽ جتان لنگهي ٿو اتان سج ڪيو ڇڏي يا جيئن زلزلو شهرن جا شهر غرق ڪري ڇڏيندو آهي، تيئن ڪاوڙيل ماڻهوء جو غصو چوڌاري حرڪت ۾ نقصان پهچائي ٿو. هن مان سڀ ڪنهن کي خوف آهي هن جي هٿان سڀ شيء ناس ٿئي ٿي". ص 26 (7)

اهڙي طرح هن مضمون ۾ عقلي دليلن سان انساني ڪردار کي ٺاهڻ لاءِ ڪيترائي ڪارائتا اصول ٻڌايا ويا آهن. مرزا صاحب جو هي دور سنڌي سماج جي نئين سر تعمير لاءِ بنيادي دور ثابت ٿيو. هي ڪتاب اعليٰ فهم فڪر ۽ تدبر جي ڳالهين جي ڪري ڪيتروئي عرصو تعليم کاتي جي نصاب جو حصو رهيو آهي.

**باب چوٿين جو عنوان آهي مٺي مائٽي هن عنوان هيٺ ويجهن رشتن جي اهميت کي بيان ڪيو ويو آهي. جنهن ۾ (1) زال (2) مڙس (3) پيءُ (4) پٽ (5) پيائر شامل آهن:**

سڀ کان پهرين زال جي رشتي، سندس ڪردار، گفتار، نرم دلي خوبصورتيءَ خوب سيرتيءَ تي مرزا صاحب لکيو آهي. مضمون ۾ مرزا صاحب هڪ مثالي عورت جي ڪردار کي پيش ڪندي ڪيس پنهنجا فرض ۽ ذميواريون به ياد ڏياري ٿو. رشتن ۾ زال جي حيثيت ۾ سندس ڪردار ڪهڙو هئڻ گهرجي، مرزا صاحب دليلن ۽ مثالن سان زال جي ڪامياب ڪردار جو نقش چٽيو آهي. ان بعد مڙس جو ڪردار آهي، هن مضمون ۾ شاديءَ لاءِ عورت جي چونڊ، پنهنجي زال ۽ ٻارن جون ذميواريون، فهم ۽ فضيلت ۾ سماج جي هڪ ذميوار فرد جي خاصيتن کي پيش ڪيو ويو آهي. هر رشتي ۾ تعلق جون پنهنجون ذميواريون آهن. جيڪڏهن هر هڪ اهي ايمانداري ۽ خلوص سان ادا ڪري، انهن ۾ حسن ۽ ترتيب رکي ته سماج جا تمام گهڻا مسئلا حل ٿي سگهن ٿا. مڙس کان پوءِ پيءُ جي ڪردار تي مضمون لکيو آهي. پيءُ جي حيثيت ۾ اولاد جي سموري تعليم تربيت جي ذميواري ۽ نتيجي کان آگاهه ڪيو ويو آهي. ان بعد "پٽ" ۽ " پيائر" موضوع تي لکيو ويو آهي، ٻنهي رشتن جي اهميت پيءُ جي فرمانبرداري ۽ عزت ۽ آبروءَ واري واٽ تي هلڻ جي تلقين ڪيل آهي، جيڪا اڄ به ساڳي اهميت رکي ٿي.

**پنجين باب جو مرڪزي عنوان آهي ماڻهن جي وچ ۾ قدرتي يا اتفاقي تفاوت ۽ ان تحت هيٺيان عنوان شامل آهن:**

**1. عاقل ۽ جاهل 2. غريب ۽ دنيادار 3. مالڪ ۽ نوڪر 4. حاڪم ۽ رعيت.**

مرزا صاحب عاقل ۽ جاهل جي عادتن، نفسياتي لاڙن ۽ فطرت کي هن طرح بيان ڪري ٿو بي عقل کان عاقل پاڻ کي وڌيڪ نادان ڄاڻي ٿو. ڏاهو ماڻهو اڪثر گهڻا شڪ ڪندو آهي ۽ ذري ذري دل جا خيال پيو بدلائيندو آهي، پر بي عقل هوڏي ٿيندو آهي ۽ پنهنجي ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ ڪونه ٿيندو اٿس، هو پنهنجي ناداني کانسواءِ ٻي سڀڪا شي ڄاڻي ٿو. ص 36 (8)

اهڙي طرح هر موضوع متعلق مرزا صاحب نهايت باريڪ بيني سان هر هڪ نُڪتي کي واضح ڪيو آهي. جيڪو نه صرف ڄاڻ ۾ اضافو ڪري ٿو بلڪ پنهنجي ڪردار ۽ اخلاق جي تعمير ۾ به مددگار ثابت ٿيندو.

پهرين ڀاڱي جي آخري ڇهين باب جو عنوان قومي فرض آهي، جنهن ۾ هيٺيان موضوع شامل آهن:

خير خواهي، نيڪو ڪاري، احسانمندي ۽ سچائي. هر هڪ موضوع کي آسان ۽ عام فهم انداز ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هر انسان پنهنجي ديس ۽ ڌرتي تي رهندڙ قوم جو حصو هوندو آهي، هن باب ۾ هر فرد ۾ جيڪي بنيادي خصلتون هئڻ گهرجن انهن تي مرزا صاحب مختصر پر نهايت جامع انداز ۾ لکيو آهي. انهن کي پڙهندي غور فڪر ڪندي معلوم ٿيندو ته دنيا ۾ مهذب ترقي يافته فردن ۽ قومن ۽ ملڪن جون بنيادي خصلتون هي ئي آهن جيڪي ڪين امن، سڪون خوشحالي ۽ هر طرح جي ترقي جو سبب آهن.

هن ڪتاب جي ٻئين ڀاڱي ۾ ڪل چار باب آهن. باب پهرئين جو عنوان آهي ”انسان“ جنهن کي هيٺين ذيلي عنوانن ۾ ورهايو ويو آهي: انسان جي جسم جي بناوت، حواسن جو فائدو، روح ۽ ان جي اصليت انسان جي حياتي جي مدت ۽ ان جا فائدا، باب ٻيون انسان جا نقص عيب ۽ انهن جا اثر، جنهن ۾ هيٺيان عنوان شامل اهن، مغروري، طبعت جي ناهمواري ضعيفائي، اڻپوري علميت ۽ واقفيت، مصيبت، تميز يا قياس، خودبيني يا خود خيالي.

انسان عقل، فهم ۽ بردباري ۾ ٻين ساهوارن کان ضرور مٿي آهي، پر ڪامل يا مڪمل ناهي، مختلف حالتن، وقت ۽ سببن جي ڪري سندس شخصيت ۾ ڪيتريون ئي اوڻايون شامل ٿي ويندیون آهن، هن باب ۾ مرزا صاحب انهن سمورين ڪمزورين کي

نهايت ئي پراثرانداز ۾ بيان ڪيو آهي، هر هڪ بيان پڙهڻ، سمجهڻ ۽ ياد ڪرڻ جهڙو آهي، مغروري ۽ بيهودگي جو بيان ڪندي لکي ٿو "جيترو مغروري ۽ بيهودگي ماڻهوءَ جي اک کي انڌو ٿي ڪري ۽ دل کي ڪارو ٿي ڪري اوترو ٻي ڪا شيءِ نٿي ڪري اهو ئي سبب آهي جو جڏهن تون پنهنجا عيب نٿو ڏسي سگهين تڏهن ٻيا تنهنجا عيب ظاهر ظهور پيا ڏسن. ص 59 (9)

باب ٽئين جو عنوان آهي انسان جون ناقص عادتون:

جنهن ۾ هيٺين عادتن تي الڳ الڳ لکيو ويو آهي: لالچ، اصراف يا بيجا خرچ، وير، ظلم، عداوت ۽ ضد، تنگ دلي ۽ غمگيني. هر هڪ ڪمزوري کي مرزا صاحب نهايت ئي اهم دليلن ۽ ڏاهپ جي لفظن ۾ انسان جي هنن خراب عنصرن جي اثر کي تفصيل سان بيان ڪيو آهي.

ٻئي ڀاڱي جي چوٿين باب جو عنوان آهي "هڪڙن کي ٻين تي فضيلت" ان موضوع کي هيٺين عنوانن ۾ ورهائي بيان ڪيو ويو آهي، عزت ۽ شرافت، علم ۽ حڪمت، عزت ۽ شرافت موضوع ۾ مرزا صاحب اصل ۾ عزت ڪيئن ٿيندي آهي. عزت ۽ شرافت ۾ واضح فرق بيان ڪيو ويو آهي، مضمون جي شروعات هنن لفظن سان ڪري ٿو. "شرافت رڳو روح ۾ ٿي رهي ۽ سچي عزت رڳو نيڪي ۾ آهي". ص 89 (10)

انساني ڪردار جي اصل شرافت ۽ نيڪي ڇا آهي ڪيئن پيدا ٿيندي آهي. هن مضمون ۾ تفصيل سان بيان ڪيو ويو آهي، ڪوڙي عزت جو حرص ۽ ظاهري ناموس جي لالچ انسان لاءِ انتهائي نقصانڪار آهي، اصل عزت ۽ شرافت ۽ نيڪي جو بنياد نيت جي خلوص ۽ هر عمل ۾ سچائي ۽ ايمانداريءَ تي هوندو آهي. هر طرح جي لالچ ۽ سطحي ڏيکاءُ کانسواءِ پنهنجي ڪردار ۽ عمل جي ذريعي حاصل ڪيل سچائپ ئي انساني ڪردار جو تعين ڪري ٿي ته هو اصل ۾ ڇا آهي. عزتدار آهي يا نه ان سچي جو بنياد سندس خلوص عمل، سچائي بي ريا نيڪ عملن تي مشتمل آهي. هن باب جو ٻيو مضمون "علم ۽ حڪمت" ۾ خالق ڪائنات ان جي تخليقن تي غور فڪر ڪرڻ ان ۾ سندس حڪمت ۽ دانائي کي بيان ڪيو ويو آهي. حقيقي علم ۽ ڏاهپ کي هن مضمون ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

باب پنجون هن ڪتاب جو آخري باب آهي، ان جو عنوان آهي قدرتي يا طبعي اتفاق جنهن ۾ ٻه اهم مضمون شامل آهن، 1 سک ۽ ڏک 2 درد ۽ تڪليف. ڏک ۽ سک مضمون ۾ حالتن

جي تبديلي جي صورت ۾ مضبوط ٿي بيهڻ صبر فهم ۽ بردبار ٿي رهڻ تي زور ڏنو ويو آهي. نه سک ۽ خوشيءَ ۾ ڪو تڪبر يا وڏائي ڪرڻ گهرجي ۽ نه ئي ڏک يا درد ۾ مايوس ٿيڻ گهرجي. لکي ٿو:

”پنهنجي سڄي حياتي ۾ سچو ۽ راست باز رهه. ايئن ڪرڻ سان تون سيني واقعن مان پيو فائدو حاصل ڪندين ۽ سيني حالتن ۾ تنهنجي تعريف پئي ٿيندي. ڏاهو ماڻهو سڀ ڪنهن شئي مان فائدو وٺي ٿو زماني جي گردش ۾ سڀ ڪنهن صورت ۾ هڪ جهڙو رهي ٿو“. ص 95 (11)

مضمون ۾ وقت جي ڦير گهير ۾ نيڪي پلائي تي اٽل بيهڻ جي به ڳالهه ڪئي وئي آهي. آخري مضمون ”درد ۽ بيماري“ نالي سان آهي. هي مضمون به اڳيئن مضمون ۽ بنيادي موضوع جو تسلسل آهي ڏک، درد ۽ بيماري ۾ صبر ۽ تحمل ڪرڻ گهرجي. جيڪي درد يا بيماري بستر تي پهچي چڪي آهي. ان لاءِ اجائي واويلا روح کي تڪليف پهچائي ٿي. ان لاءِ هن مضمون ۾ هڪ مثال ڏنو ويو آهي ته جيئن ڪندو ڪنهن ڪپڙي کي ڦاڙي ته ڏاهپ وارو ان جي اثر کي جسم تائين ناهي ڪٽي ويندو. اهڙيءَ طرح ظاهر تڪليف کي ان تائين محدود رکجي روح کي نه رنجائجي. هي سمورو ڪتاب انساني ڪردار جي تعمير اعليٰ گڻن کي پيدا ڪرڻ، نيڪي، شرافت ۽ محنت جي ذريعي پنهنجي ڪردار کي اعليٰ بڻائڻ جي سونهري اصولن ۽ معيارن سان ڀرپور آهي. سماج جي هر فرد لاءِ نهايت ڪارائاتو ڪتاب آهي، جنهن کي نصاب جو حصو هئڻ گهرجي.

**2.** شمس العلماء مرزا قليچ بيگ صاحب جو ٻيو اهم ڪتاب فوائد الاخلاق آهي. هي ڪتاب مرزا صاحب 1920ع ۾ لکيو. ڪتاب جو پهريون ڇاپو 1953ع ۾ ڇپيو.

ڪتاب جو ٻيو ڇاپو مرزا قليچ بيگ چيئر پاران سال 2012ع ۾ ڇپيو آهي، هن ڪتاب جي ديباچي ۾ مرزا صاحب جو فرزند مرزا همايون بيگ ڪتاب بابت لکي ٿو ته: شمس العلماء مرزا قليچ بيگ مرحوم سال 1920ع ۾ هي ڪتاب فوائد الاخلاق لکيو هو. جنهن ۾ نصيحت آميز آکاڻيون، انسان جي اخلاق سڌارڻ جون جدا جدا ماڻهن بابت جدا جدا ڪتابن مان هٿ ڪري لکندو ويو. اهڙيون 83 ڳالهيون لکي چڪو جو حياتي وفا نه ڪئي، تنهن ڪري ڪتاب پورو ٿي نه سگهيو آهي، نه ته ديباچو به پاڻ لکي ها. (ص 8 فوائد الاخلاق) 12

هن ڪتاب ۾ هي 83 موضوع شامل آهن (1) سوراخ ڪيئن بند ٿين (2) ڪوڙ جي سزا (3) سون جي بدران پهڻ (4) نيڪي ڪڏهن به اجائي نٿي وڃي (5) بڇڙي صحبت جو اثر (6) سڀ کان چڱي شئي (7) هڪڙي جان نثار چوڪري (8) خود غرضيءَ جي سزا (9) غلط فهمي چڱي ناهي (10) سون جو وڻ (11) همدرديءَ جو عيوضو (12) ڪوڙ جي سزا ۽ سچ جي

جزا (13) اعليٰ همٿي (14) هنر نيٺ ڪم ٿو اچي (15) ٻار جي دعا (16) هڪڙي بهادر ڇوڪري (17) چوري نيٺ ظاهر ٿي ٿئي (18) تنهي مان ڪير چڱو؟ (19) بديءَ جي بدران نيڪي (20) حڪم مڃڻ ۽ فرض ادا ڪرڻ (21) اعليٰ دماغي (22) پنهنجو فرض ادا ڪرڻ (23) پنڻو ۽ هاري (24) سخا خدا کي گهڻو پسند آهي (25) هڪڙو بهادر ڇوڪر (26) سست ڇوڪر ڪيئن چالاڪ ٿي پيو (27) زبان ۽ دل سڀ کان چڱو عضوو (28) ڄَوپاٽهي ڪٽڪ ڪيئن ٿيندا (29) حقيقت جا جواب (30) عجيب وڄ ۽ مينهن (31) حڪمت جا ٽي سوال (32) حڪيم ڊيو جانس ڪالبي (33) عجيب انعام (34) سچي سخاوت (35) قابليت جو درجو (36) پنهنجي جند جي عزت (37) سچي قناعت (38) ڳجهه لڪائڻ مشڪل (39) ڪوبہ ماڻهو غم کان خالي ڪونهي (40) سچي جوان مردي (41) سپت ۽ ايمانداري (42) عمل ۽ انصاف (43) جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي (44) سچو قيد (45) چور پڪڙڻ جي تجويز (46) ڏاڙيوالن کي سزا (47) ايمانداري ۽ حلال جو ڪاڏو (48) نفس مارڻ (49) صبر ۽ قناعت (50) خلق جو خير سڀ کان چڱي عبادت (51) مارڻ واري کان بچائڻ وارو ويجهو (52) توبهہ ڪرڻ مان فائدو (53) مرڻ مهل پشيماني (54) خدا جي محبت (55) خدا جي توڪل (56) سچ ڪري جان ٿي بچي (57) سچي سخا ۽ ڀلائي ڇا کي چئجي (58) سچي نيت ۽ سچي سخا جو ثواب (59) خدا تي توڪل ۽ ڀروسو (60) خدا روزي رسائيند ڙ آهي (61) ڀلائي جو انعام (62) برائي جي سزا (63) مرڻ تائين نيڪ (64) حد کان وڌيڪ صبر ۽ تحمل (65) عجيب عدل ۽ انصاف (66) عجيب سمجهہ ۽ سياڻپ ۽ انصاف (67) عجيب انصاف (68) مزي جهڙو لطيفو (69) نهايت نهنائي (70) عدالت ڪرڻ ۾ تڪڙ نہ ڪجي (71) حسد جو خراب نتيجو (72) اوليائن جي ڪرامت (73) حڪيم جي سياڻپ (74) نجوم ۽ قابليت (75) عجيب مرض جو عجيب علاج (76) مار مهرن جو عجيب اثر (77)ياقوتن جو عجيب اثر (78) مسخري جو جواب (79) اٽڪل جو جواب (80) ڪل جهڙو جواب (81) تعليم ۽ تربيت جو اثر (82) مٿو اڇو ڏاڙهي ڪاري (83) بلڪل ٺهئي جهڙا اکر لکڻ.

سمورا اخلاقي موضوع آکاڻين ذريعي پيش ڪيا ويا آهن. جن مان هر هڪ ۾ اخلاق ۽ ڪردار جي سڌاري لاءِ ڪو نہ ڪو اهم نُڪتو پيش ڪيو ويو آهي. پهرين آکاڻي سوراخ ڪيئن بند ٿين ۾ هڪ شرارتي ٻار جنهن ۾ ڪيترين ئي خراب عادتون پئجي چڪيون هيون. پيءُ نهايت فضيلت وارو شريف انسان هو جنهن کيس ڪليون ۽ هٿوڙو ڏنو ۽ چيو تہ جڏهن بہ ڪو غلط عمل ڪرين تہ هڪ ڪلي هٿوڙي سان پٽ ۾ هڻندو وڃ. ايترين ڪليون ۽ پٽ جي خراب حالت ڏسي پشيمان ٿئي ٿو. اهڙي طرح هر هڪ آکاڻي

۾ سچائي، ايمانداري، انسان دوستي، پڪين وطن سان محبت ڪرڻ، نيڪي جي فائدن، ڪوڙ خود غرض ۽ ٻين برائين جي نتيجن کي هنن آڪاڻين ذريعي مرزا صاحب پيش ڪيو آهي، سموريون آڪاڻيون انسان جي ڪردار سازي سان واسطو رکن ٿيون. هي ڪتاب ٻہ هر هڪ فرد جي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ عمل لاءِ هڪ بهترين علمي خزانو آهي. چاڻ سمجهہ مختلف عملن جا نتيجا ۽ ٻيون اهم ڳالهيون ڪتاب ۾ شامل آهن.

اخلاقيات جهڙي اهم موضوع کي مرزا صاحب ٻين اهم موضوعن جيان خاص اهميت ڏني آهي. هن موضوع تي سندس اهم ڪتابن مان ”قديم چيني اخلاق“ بہ اهم ڪتاب آهي چيني قوم جي ترقي اسان جي سامهون آهي. هن ڪتاب مان چين جي ڏاهپ ۽ اهو اعليٰ فڪر ظاهر ٿئي ٿو جنهن تي هن قوم عمل ڪندي اوج حاصل ڪئي آهي.

مرزا صاحب هن ڪتاب بابت لکي ٿو: ”هڪڙي قديم چيني عالم، حڪيم ۽ فيلسوف جي ڪتاب جو مطالعو ڪندي هن جا ڪي خيال علميت، دولت، خدمت ۽ حڪومت بابت مون کي پسند آيا، دل ۾ آيم تہ اهي سنڌ جي پڙهندڙن کي ٻڌايان“. ص 199 (13)

هن ڪتاب ۾ پهريون مضمون عقل ۽ علميت جي تفاوت بابت آهي، جنهن ۾ عقلمند ۽ علميت واري ماڻهو ۽ بيوقوف ۽ نادان ماڻهوءَ جي فرق کي مرزا صاحب واضح ڪيو آهي، لکي ٿو: ڏاهو ماڻهو پنهنجي ڪم فهمي ۽ عاجزي معلوم ڪري نماڻو ٿو رهي. هو گهڻو ئي ڪشالو ڪري مٿو هڻي ٿو تہ بہ پنهنجي قابليت ۽ لياقت جو قائل نہ پيو ٿئي. پر بي عقل پنهنجي دل جي تانگهي پاڻيءَ تري ۾ جيڪي پهڻيون پيل ڏسي ٿو تن تي گهڻو خوش ٿئي ٿو ۽ اهي ڪڍي موتي ڪري جهان کي ڏيکاري ٿو پنهنجي دوستن ۽ عزيزن جي تعريف ٻڌي پاڻ بہ پنهنجي تعريف ڪري ٿو. (ص 21 قديم چيني اخلاق) 14

ٻيو مضمون ”دولت جي تفاوت بابت“ عنوان سان آهي، جنهن ۾ دولت جي سچائي ۽ صحيح استعمال ڪرڻ، غريبن ۽ محتاجن جي مدد ڪرڻ انهن جي تڪليفن کي گهٽائڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ بابت ۽ دولت جي غلط استعمال ان کي وڏيڪ گڏ ڪرڻ جي لالچ ۽ ٻين سان ظلم بابت لکيو ويو آهي. مضمون ۾ دنيا دار توڙي غريب کي ٻنهي کي خبردار ڪيو ويو آهي تہ ڪهڙي حال ۾ رهڻ گهرجي. دولت جا نقصان ڪهڙا آهن، پورهئي جا ڪهڙا فائدا آهن. سماج ۾ اميري غريبي جي احساس کي ختم ڪرڻ جو بهترين پيغام هن مضمونن ۾ سمايل آهي. اهڙي طرح ٻين مضمونن ۾ ”خدمت جي تفاوت بابت“ ”حڪومت جي تفاوت بابت“ ”خير خواهيءَ بابت“ ”احسان منديءَ بابت“، ”نيڪو ڪاريءَ بابت“ ”انصاف بابت“ ۽ آخري مضمون ”سچائي بابت“ شامل آهن.

هر هڪ مضمون ۾ اعليٰ فهم فڪر، تدبر ۽ ڏاهپ جون ڳالهيون آهن جيڪي انساني ڪردار ۾ اعليٰ اخلاقي گهڙت ڪي پيدا ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيون آهن. مرزا صاحب جي هوندڻ بہ مجموعي طور لکڻين جو نچوڙ سماجي اصلاح، ڀلائي ۽ بهتري آهي. هي ڪجهه خاص طور انسان جي حسن اخلاق ۽ ڪردار سازي بابت هن جا بهترين ۽ مخصوص ڪتاب آهن جن جو مختصر اپياس ڏنو ويو آهي. هي ڪتاب هر فرد هر گهر ۾ سماج لاءِ بيحد ضروري آهن. ڪيترن ئي سماجي مونجهارن ۽ مسئلن جو حل هنن ۾ موجود آهي. ان ڪري هنن ڪتابن تي نہ صرف تفصيل سان لکڻ ئي ضروري آهي بلڪ هر عام خاص ڪي مطالعي هيٺ آڻڻ گهرجن تہ جيئن روز مره زندگيءَ جي معاملن ۾ اڻ ڄاڻائي ۽ مختلف ڪمزورين سبب پيدا ٿيندڙ مسئلن ۽ نفسياتي دٻاءَ کي ختم ڪري صحتمند سماج ۽ پرسڪون حياتيءَ جي راز کي پروڙي عمل ڪري سگهجي.

## حوالا:


1. William Lillie, An introduction to ethics, Methuen & Co. Ltd. London 1951. P-2.
2. Same. P-2
3. مرزا قليچ بيگ، 2019ع. تهذيب الاخلاق سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ص 9.
4. ساڳيو ص -14.
5. ساڳيو ص -15.
6. ساڳيو ص -22.
7. ساڳيو ص -26.
8. ساڳيو ص - 36.
9. ساڳيو ص - 59.
10. ساڳيو ص -89.
11. ساڳيو ص -95.
12. مرزا قليچ بيگ، 2012. فوائد اخلاق، مرزا قليچ بيگ چيئر سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، ص 8
13. مرزا قليچ بيگ 202- چين ۽ چيني ماڻهو قديم چيني اخلاق، مرزا قليچ بيگ چيئر سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو، ص 199.
14. ساڳيو ص 21.